سنڌي ٻولي فطرت مان ڦٽي
نڪتي آهي. سنڌي ٻولي بابت
هي کيال ڪنهن جو آهي ؟
سنڌي ٻولي جي بڻ بڻياد
بابت بحث ڪندي توهان
پنهنجا ويچار لکو.

تعارف :

"سنڌي ٻولي جي اپڻ بابت
ڪافي عالمن گوڙجنا ڪئي آهي
۽ مختلف خيال پيش ڪيا
آهن . ڪجهه ماهرن موجب
سنڌي سنسڪرت جي ڌيائي آهي
ڪجهه عالمن ان نظريي کي
رد ڪندي چيو ته سنڌي
سنسڪرت کان اڳ واري دور
جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي
آهي. سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد
بابت هڪ خيال هي به آهي ته
سنڌي قديم زبان آهي جيڪا
ميسوپوٽيم تهذيب جي اثر هيٺ
آيل آهي . ڊاڪٽر غلام علي الانا
جي خيال موجب سنڌي ٻولي
'توراني' ٻولي مان جيڪا
"خود مختيار پندو" پراڪرت آهي . ان
مان ڦٽي نڪتل آهي. تمام عالمن

جي خيالن کي سامهون رکندي
اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي
ٻولي هڪ قديم زبان آهي. جنهن
ڪافي منزلون ماڻ بعد هڪ
سهڻي شڪل اختيار ڪئي آهي.

## ① ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو:

## "هاڻوڪي سنڌي سنسڪرت جائي آهي"

انگريزن جي دور جو مشهور شاعر
ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ **"سنڌي ٻولي
جو گرامر"** 1872ع ۾ ڇپايو. سنڌي
ٻولي جي حسب نسب جاچڻ
جي اها ڀرپور ڪوشش هئي.
ڊاڪٽر صاحب جي نظريي مطابق
سنڌي ۽ سنسڪرت جي "صوتي
۽ صرفي" هڪجهڙائي ثابت ٿي ڪري.
تنهنڪري اهو خيال درست آهي ته
سنڌي ٻولي سنسڪرت جي جائي
آهي.

---

پراڪرت ← پالي ← شورسيني ←
اپڀرنش ← وراچڊ اپڀرنش ← سنڌي

---

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو نظريو:

"سنڌي ٻولي بنيادي طور سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل نه آهي بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي."

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي نظريي کي رد ڪندي 1959ع ۾ "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" ڇپايو جنهن ۾ ٻڌايو آهي ته سنڌي سڌو سنئون سنسڪرت مان نه پر سامي زبانن يعني عربي، عبراني، سرياني ۽ حبشي جي اثر هيٺ اڀري آهي. سندس نظريي مطابق سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ سنسڪرت کان به پهرين دور جي آهي. پنهنجي نظريي ۾ هو وڌيڪ چوي ٿو ته سنڌي ٻولي آريائي نه بلڪ عربي ٻولي جي گهڻو ويجهو آهي.

## سراج الحق ميمڻ جو نظريو: "سنڌي سنسڪرت ڄائي نه پر سنسڪرت سنڌي ڄائي آهي، سنڌي طرح نه سهي، ان سنڌي طرح سهي"

③

سراج الحق ميمڻ پنهنجي نظرين کي رد ڪندي پنهنجو نظريو پيش ڪندي چيو ته سنڌي هڪ قديم ٻولي آهي جيڪا ميسو پوٽيم تهذيب، فارسي زبان، انڊو يورپي ۽ انڊو آريائي زبان جي هڪ اهم اثر زبان آهي. هن پنهنجو نظريو "سنڌي ٻولي" نالي ڪتاب ۾ لکيو جيڪو 1964ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. سراج صاحب امريڪي آرڪيالاجسٽ 'ڊاڪٽر نوح ڪريم' جو حوالو ڏنائي ٿو ته سميري تمدن ۾ جيڪي مٽي جي تختين تي لکيل اهڃاڻ ملن ٿا اهي مهن جي دڙي ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

④

# ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو "موهن جي دڙي واري ٻولي ڪا قديم غير آريائي دراوڙي ٻولي آهي"

ڊاڪٽر غلام علي الانا 1974 ڌاري هڪ "سنڌي ادب جو بڻ بنياد" نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته آريا" جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون. ان مان ڪري چئبو ته سنڌو ماٿر ۾ به آرين جي اچڻ کان اڳ ڪا غير آريائي ٻولي چالو هئي. انهي آڌار تي چئبو ته موهن جي دڙي واري ٻولي به ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي.

سنڌي ٻولي آرين جي اچڻ کان اڳ، موهن جي دڙي واري قديم تهذيب جي ٻولي هئي، جنهن تي پهريون داردي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر پيو ۽ ان کانپوءِ سنسڪرت جو ۽ پوءِ پالي جو. انهيءَ لحاظ سان سنڌي جو شجرو هن ريت بيهندو:

# سنڌي ٻولي جو شجرو

توراني ٻولي

↓

موهن جي دڙي واري ٻولي

↓ دراوڙي | ↓ بروهڪي | ↓ سنڌو

سنڌو

↓

قديم سنڌي

↓

وچين دور واري سنڌي

↓

هاڻوڪي سنڌي

# ڪجهه اهم ويچار:

- سنڌي ٻولي مان جيڪڏهن سنسڪرت فارسي ۽ عربي جا لفظ خارج ڪيا وڃن ته ٻه اڍيڙا لفظ بچن ٿا جن سان پورو مطالعو ترتيب ڏئي سگهجي ٿو.
- سنسڪرت وارو خيال ان ڪري بدل آهي ته هندستان جون ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل آهن. تنهنڪري انهن جو عڪس سنسڪرت ۾ ڳوليو ويو ۽ گهڻن ۾ دليل ڏنا ويا.
- ڊاڪٽر غلام علي الانا موجب سنسڪرت ٻان هڪ سڌاريل زبان مان هڪ آهي. تنهنڪري اهو چوڻ بلڪل درست آهي ته سنڌي ٻولي هڪ قديمي زبان آهي جيڪا فطرتي ڦٽي نڪتي آهي.

# اختتام:

سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت ڪافي عالمن ڪتاب لکيا آهن جيڪي هڪٻئي کان مختلف آهن انهن خيالن مان ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي نظريي

ٿي عالمن: اتفاقي راءِ ڏني آهي:
بهرحال، سنڌي ٻولي هڪ
قديم زبان آهي جنهن
ڪافي منزليون ماڻي هڪ
بهترين شڪل اختيار ڪئي آهي.

CS CamScanner